# صدقي جا فائدا

**14-March-2019**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنَّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# صدقي جا فائدا

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله          وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله          وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف ڪائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ ڪائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

اسان گنهگارن جي شفاعت فرمائڻ واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو مون تي سڄي ڏينهن ۾ پنجاھ (50) ڀيرا درودِ پاڪ پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس (يعني هٿ ملائيندس). (القربيٰ،ابن بشڪوال، ص٩١، حديث: ٩٠)

پڑھتا رہوں کثرت سے درود ان پہ سدا میں          اور ذکر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.(المعجم الکبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## چئن دِرهمن جي بدلي ۾ چار دُعائون

اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامه مَولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي مشهور تاليف "فيضانِ سُنّت" جي باب فيضانِ بسم الله، صفحي 114 تي لکن ٿا:

حضرت سَيِدُنا مَنْصُور بن عَمّار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ ڏينهن بيان ڪري رهيا هئا، هڪ پيري سندن اجتماع ۾ ڪنهن حقدار چئن درهمن جو سوال ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه اعلان فرمايائون: جيڪو هن سوالي کي چار درهم ڏيندو مان ان جي لاءِ چار دعائون ڪندس. ان وقت اتان هڪ غلام گذري رهيو هو، هڪ ڪامل

ولي جو رحمت ڀريو آواز ٻُڌي ان جا قدم رُڪجي ويا ۽ ان وٽ جيڪي چار درهم هئا، اُن اهي درهم سائل کي ڏئي ڇڏيا. حضرتِ سيِّدُنا منصور رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايو: ٻُڌاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون چار دعائون ڪرائڻ ٿو چاهين؟ عرض ڪيائين، ﴿1﴾ مان غلاميءَ مان آزاد ڪيو وڃان ﴿2﴾ مون کي انهن درهمن جو بدلو ملي وڃي ﴿3﴾ مون کي ۽ منهنجي آقا کي توبهه نصيب ٿئي. ﴿4﴾ منهنجي، منهنجي آقا جي، اوهان جي ۽ تمام حاضرين جي بخشش ٿي وڃي. حضرتِ سيِّدُنا منصور بن عَمّار رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هٿ کڻي دعا ڪئي. غلام پنهنجي آقا وٽ دير سان پهتو. آقا دير سان اچڻ جو سبب پُڇيو ته ان ڪيس پورو واقعو ٻُڌايو، آقا پُڇيو: **پهرين دعا** ڪهڙي هئي؟ غلام چيو، مون عرض ڪيو، دعا ڪريو مان غلاميءَ مان آزاد ڪيو وڃان. اهو ٻُڌي ڪري آقا جي زبان مان بي اختيار نڪتو، ”وڃ تون غلاميءَ مان آزاد آهين.“ پُڇيائين، **ٻي دعا** ڪهڙي ڪرايئي؟ چيائين: جيڪي چار درهم مون ڏئي ڇڏيا آهن انهن جو بدلو ملي وڃي. آقا چوڻ لڳو، مون توکي چار درهم جي بدلي چار هزار درهم ڏنا. پُڇيائين: ٽين دعا ڪهڙي هئي؟ چيائين: مون کي ۽ منهنجي آقا کي گناهن کان توبهه جي توفيق نصيب ٿي وڃي. هي ٻُڌندي ئي آقا جي زبان تي اِسۡتِغفار جاري ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو: مان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پنهنجي تمام گناهن کان توبهه ڪريان ٿو. وري چيائين: چوٿين دعا ڪهڙي هئي، غلام جواب ڏنو: مون التجا ڪئي ته منهنجي، منهنجي آقا جي، اوهان جي ۽ اجتماع ۾ شامل تمام حاضرين جي مغفرت ٿي وڃي. هي ٻُڌي ڪري آقا چيو: ٽي ڳالهيون جيڪي منهنجي وسَ ۾ هيون، اهي پوريون ڪيون آهن، چوٿين سيني جي مغفرت ٿي وڃي، هي ڳالهه منهنجي وس کان ٻاهر آهي. ڏينهن گذريو، جڏهن رات ٿي ته انهيءَ آقا خواب ۾ ڪنهن چوڻ واري کي چوندي ٻُڌو: جيڪو تنهنجي وس ۾ هئو اهو تو ڪري ڇڏيو، ۽ مان اَرحَمُ الرَّاحِمِين آهيان مون توکي، تنهنجي غلام کي، منصور کي ۽ تمام حاضرين کي بخشي ڇڏيو.

(روض الرياحين، ص٢٢٢)

سَبَقَتْ رَحْمَتِیْ عَلٰی غَضَبِیْ جب سے تُو نے سُنا دیا یاربّ!
آسرا ہم گُناہگاروں کا اور مَضبُوط ہو گیا یاربّ!
ظن نہیں بلکہ ہے یقین مجھے وہ بھی تیرا دِیا ہوا یاربّ!
ہو گا دُنیا میں قَبْر و مَحْشَر میں مجھ سے اچھا مُعاملہ یاربّ!
(ذوقِ نعت، ص۸۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قربان وڃجي جو راهِ خُدا ۾ مال خَرچ ڪرڻ سان ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون حاصل ٿينديون آهن، اُن غلام فقط چار (4) درهم صدقو ڪيو الله تعالٰي اُن کي آقا جي ذريعي اُن چئن (4) درهمن جي بدلي ۾ چار هزار (4000) درهم عطا ڪيا ۽ اُن کي غلامي کان آزادي ملي، ڳڏوڳڏ الله انهن چئن درهمن جي برڪت سان غلام ۽ سندس آقا سميت ڪيئي ماڻهن جي بخشش به فرمائي ڇڏي،

هن حڪايت مان اهو به معلوم ٿيو ته الله وارن جون دعائون حاصل ڪرڻ جو ڪو موقعو هٿان نه وڃائڻ گهرجي، الله پاڪ جا اهي نيڪ ٻانها جڏهن الله پاڪ سان ڪنهن شيءِ جو سوال ڪندا آهن ته هو انهن جي سوالن کي رد ناهي ڪندو. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه نيڪين جا حريص آهن ۽ نيڪ ڪمن جي ترغيب جي لاءِ مختلف دعائون اِرشاد فرمائيندا رهندا آهن. ڪڏهن هفتيوار مدني رسالو پڙهڻ، ٻُڌڻ وارن جي لاءِ دعا ارشاد فرمائيندا آهن ته ڪڏهن مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن کي دعائن سان نوازيندا آهن، ڪڏهن مدني عطيات (Donation) گڏ ڪرڻ وارن کي دعائون ڏيندا آهن ته ڪڏهن مدني انعامات تي عمل ڪندڙن کي دُعائن سان نوازيندا آهن. اسان کي به

گهرجي ته شيخِ ڪامل ۽ الله جي ولي جون دعائون ماڻ جو ڪو موقعو هٿان وڃڻ نه ڏيون. ڪهڙي خبر انهن جي ڪهڙي دعا اسان جي دنيا ۽ آخرت ڪي بهتر بڻائي ڇڏي.

اهي ماڻهو جيڪي دعوتِ اسلامي جي لاءِ مدني بستن، مدني عطيات بڪس يا گهريلو صدقہ بڪس وغيره جي ذريعي مدني عطيات گڏ ڪرڻ يا ڪرائڻ ۾ ڪنهن به طرح تعاون ڪندا آهن، اَمِيرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرتِ علّامہ مَولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوِي ضِيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهُ انهن جي لاءِ ڪهڙي نہ پياري دعا ارشاد فرمائي آهي: ياربَّ المصطفيٰ! جَلَّ جَلَالُهٗ وَ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيڪي مدني عطيات بڪس لڳائن ٿا يا لڳرائن ٿا، ان جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪن ٿا، ان ۾ مدني عطيات وجهن ٿا، گڏ ڪن ٿا، ڪٺي وجن ٿا، جهڙي به طرح هن ۾ حصو ونن ٿا، انهن کي صرف پنهنجي دَر جو محتاج رکجان، ڪنهن غير جو محتاج نہ ڪجان. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

انهيءَ حڪايت مان هڪ مدني گل اهو به حاصل ٿيو ته جيڪو الله پاڪ جي راهه ۾ اخلاص سان صدقو ڪندو آهي، الله پاڪ اُن کي ضرور اجر عطا فرمائيندو آهي، انڪري اسان کي به گهرجي ته وقت به وقت الله پاڪ جي راهه ۾ جيترو ٿي سگهي صدقو ڪندا ڪريون، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي به ان جون بي شمار ديني ۽ دنياوي برڪتون حاصل ٿينديون. الله پاڪ جي راهه ۾ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي اهميت ۽ فضيلت جو اندازو هن ڳالهه سان لڳايو ته خود اسان جي پياري پرودگار قرآنِ مجيد، فرقانِ حميد ۾ صدقو خيرات ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ مختلف هنڌن تي صدقو ڪرڻ وارن جي ساراهه ۽ خوبي به ارشاد فرمائي آهي جيئن ته سيپاري 1، سورۂ بَقَرَہ آيت نمبر 3 ۽ 2 ۾ ارشاد آهي:

هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ ۝ الَّذِيْنَ يُؤْمِنُوْنَ بِالْغَيْبِ وَ

**ترجموڪنزالايمان:** ڊپ وارن لاءِ هدايت آهي. جيڪي اڻ ڏٺي ايمان آڻن ۽ نماز قائم رکن ۽ اسان جي ڏني مان (اسان

يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ۙ﴿۳﴾ جي واٽ ۾) خرچ ڪن ٿا.

صدرُ الافاضِل حضرت علّامه مولانا مُفتي سيِّد محمد نعيمُ الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه آيتِ مبارڪ جي هن حصي ﴿وَ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿۳﴾﴾ تحت فرمائن ٿا ❖ راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ مان يا تہ زڪوٰة مراد آهي، جيئن تہ ٻي جڳهہ تي ارشاد فرمايو: ﴿يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ﴾ يا مُطلقًا انفاق (يعني راهِ خدا ۾ مُطلقًا خرچ ڪرڻ مراد آهي) ❖ چاهي فرض ۽ واجب هجي، جيئن زڪوٰت، نذر، پنهنجي ۽ پنهنجي گهروارن جو نفقو (خرچ) وغيره ❖ چاهي مستحب جيئن نفلي صدقا ۽ ميِّتن جو ايصالِ ثواب وغيره. **مسئلو:** يارهين شريف، فاتحہ، ٽيجهو، چاليهو بہ ان ۾ داخل آهن اُهي سڀ نفلي صدقا آهن. (خزائن العرفان ،ص۵)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي ڏاڍا خُوش نَصِيب آهن اهي مُسَلمان جيڪي پنهنجي مال جا حُقُوقِ واجِبہ ادا ڪن ٿا، ❖ خُوش نَصِيب آهن اهي مُسَلمان جيڪي خُوش دِلي سان وقت تي پوري پوري زڪوٰة ۽ فطرو ادا ڪن ٿا، ❖ خُوش نَصِيب آهن اهي مُسَلمان جيڪي پنهنجي مال کي ماءُ پيءُ، پيڻ ڀائر ۽ اولاد تي خَرچ ڪن ٿا، ❖ خُوش نَصِيب آهن اهي مُسَلمان جيڪي پنهنجي رِشتيدارن (Relatives) جي مَوت تي انهن جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ ٽيجهو، ڏهو، چاليهو، ورسي وغيره ڪري مسڪينن کي کاڌو کارائن ٿا. ❖ خُوش نَصِيب آهن اهي مُسَلمان جيڪي اِيصالِ ثواب جي لاءِ مدني رسالا ورهائن ٿا، ❖ خُوش نَصِيب آهن اهي مُسَلمان جيڪي سنين سنين نيتن سان لنگرِ رضويہ (يعني مسلمانن کي کاڌو کارائڻ، سحري ۽ اِفطاري ڪرائڻ) جي ترڪيب ڪن ٿا، ❖ خُوش نَصِيب آهن اهي مُسَلمان جيڪي حُقُوقِ عامّہ جو لِحاظ رکندي اِخلاص سان قُرآن خواني، اِجتماعِ ذِڪر ۽ نَعْت ۽ سُنّتن ڀري اِجتماعن جي اِنعِقاد تي خَرچ ڪن ٿا، ❖ خُوش نَصِيب آهن اهي مُسَلمان جيڪي مسجدن، جامعة المدينہ، مدرسة المدينہ وغيره جي تَعمِير ۽ ترقّي ۽ روزانو جي خرچن ۾ حصو وٺن ٿا، ❖ خُوش نَصِيب آهن اهي مُسَلمان جيڪي ديني شاگردن تي پنهنجو

مال خرچ ڪن ٿا. اخلاص سان اهڙي طرح خرچ ڪرڻ وارن کي الله پاڪ پنهنجي فضل سان بيڻو بلڪ ان کان به وڌيڪ عطا فرمائيندو. اڄو اسان به هتوهت نيت ڪريون ٿا ته الله پاڪ جي رِضَا جي لاءِ نه صرف پاڻ پنهنجا مدني عَطِيات دعوتِ اسلامي کي ڏينداسين، بلڪ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏيارينداسين. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

میں سب دَولت رہِ حَق میں لُٹا دوں
شَہا ایسا مجھے جذبہ عَطا ہو!
عَطا کر دو مجھے وہ بھیک داتا
مِرے سارے قبیلے کا بھلا ہو

(وسائل بخشش مرمم، ص۳۱۶)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرآن ۽ حديث ۾ صَدَقو ۽ خيرات ڪرڻ ۽ الله پاڪ جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جون ڪيئي فضيلتون بيان ٿيون آهن. راهه خُدا ۾ خَرچ ڪرڻ، اِنسان جي پنهنجي ذات جي لاءِ به فائديمند آهي، جيڪي ماڻهو دل کولي نيڪي جي ڪمن ۾ خرچ ڪن ٿا، غريبن محتاجن جي مدد ڪن ٿا اُنهن جي مال ۾ حيرت انگيز طور تي ڏينهن رات ٻيڻ تي ترقّي ۽ برڪت ٿيندي آهي. جيئن سيپارو 3 سُوْرَةُالْبَقَرَة آيت نمبر 261 ۾ ارشاد آهي:

مَثَلُ الَّذِيْنَ يُنْفِقُوْنَ اَمْوَالَهُمْ فِيْ سَبِيْلِ اللهِ كَمَثَلِ حَبَّةٍ اَنْۢبَتَتْ سَبْعَ سَنَابِلَ فِيْ كُلِّ سُنْۢبُلَةٍ مِّائَةُ حَبَّةٍ ؕ وَاللهُ يُضٰعِفُ لِمَنْ

ترجمو ڪنزالايمان: انهن جو مثال جيڪي پنهنجو مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪندا آهن اُن داڻي وانگر جنهن ڄمايا ست سنگ هر سنگ ۾ سؤ داڻا الله ان کان به وڌيڪ وڌائي ٿو جنهن لاءِ گهري، ۽ الله

يَّشَآءُ ؕ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۲۶۱﴾ وسعت وارو علم وارو آهي.

هن آيتِ سڳوري تحت تفسيرِ صراطُ الجنان جلد 1 صفحي 395 تي آهي: راهه خدا ۾ خرچ ڪرڻ وارن جي فضيلت هڪ مثال جي ذريعي بيان ڪئي پئي وڃي ته اهو ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو زمين ۾ هڪ داڻو ٻج پوکيندو آهي جنهن مان ست سنگ نڪرندا آهن ۽ هر سنگ مان سؤ داڻا پيدا ٿيندا آهن. جڻ هڪ داڻو ٻج جي طور تي پوکيندڙ ست سؤ ڀيرا وڌيڪ حاصل ڪندو آهي، اهڙي طرح جيڪو شخص راهه خدا ۾ خرچ ڪندو آهي، الله تعاليٰ ان کي ان جي اخلاص جي اعتبار سان ست سؤ ڀيرا وڌيڪ ثواب عطا ڪندو آهي ۽ اها به ڪا حد نه آهي بلڪ الله تعاليٰ جا خزانا ڀريل آهن ۽ هو ڪريم ۽ جواد آهي جنهن جي لاءِ چاهي ان کان به وڌيڪ ثواب عطا ڪندو آهي. (صراط الجنان،۱/۳۹۵)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته صدقو ڏيڻ سان ظاهري طور مال گهٽ ٿي رهيو هوندو آهي پر حقيقت ۾ ڏيڻ واري جي اعمال نامي کي نيڪين سان ڀري رهيو هوندو آهي. جهڙي طرح کوهه جو پاڻي ڪڍڻ سان گهٽ ناهي ٿيندو بلڪ وڌندو ويندو آهي، اهڙي طرح راهه خدا ۾ خرچ ڪيل مال به گهٽ ناهي ٿيندو بلڪ ان ۾ ويتر برڪت ۽ اضافو ٿيندو ويندو آهي. غيب جون خبرون ڏيڻ واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي زبانِ حق ترجمان سان صدقي جون ڪيئي فضيلتون بيان ڪيون آهن، اچو! صدقي جي فضيلت تي 8 حديث سڳوريون به ٻڌون ٿا:

## صدقي جي فضيلت تي 8 فرمانِ مُصطَفٰي

1. فرمايائون: اَلصَّدَقَة تَسُدُّ سَبۡعِيۡنَ بَابًا مِّنَ السُّوءِ، صدقو بُرائي جا 70 دروازا بند ڪندو آهي. (المعجم الكبير ، ۲۷۴/۴، حديث:۴۴۰۲)

2. فرمايائون: كُلُّ امۡرِئٍ فِيۡ ظِلِّ صَدَقَتِهٖ حَتّٰى يُقۡضٰى بَيۡنَ النَّاسِ، هر شخص (قيامت جي ڏينهن) پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو ايستائين جو ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو

ڪيو وڃي. (المعجم الكبير ، ۱۷/ ۲۸۰، حديث: ۷۷۱)

3. فرمايائون: اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ عَنْ اَهْلِهَا حَرَّ الْقُبُوْرِ وَ اِنَّمَا يَسْتَظِلُّ الْمُؤْمِنُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيْ ظِلِّ صَدَقَتِهٖ، بيشڪ صدقو ڪرڻ واري کي صدقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي ۽ بنا ڪنهن شڪ جي مسلمان قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو. (شُعَبُ الايمان، باب الزكاة، التحريض علي صدقة التطوع،۳/۲۱۲، حديث:۳۳۴۷)

4. فرمايائون: اَلصَّلٰوةُ بُرْهَانٌ وَ الصَّوْمُ جُنَّةٌ وَ الصَّدَقَةُ تُطْفِئُ الْخَطِيْئَةَ كَمَا يُطْفِئُ الْمَاءُ النَّارَ ، نماز (ايمان جي) دليل آهي ۽ روزو (گناهن کان) ڍال آهي ۽ صدقو خطائن کي ايئن مِٽائي ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي باه کي. (ترمذي، ابواب السفر، باب ما ذُكِر في فضل الصلاة، ۲/ ۱۱۸، حديث:۶۱۴)

5. فرمايائون: بَاكِرُوْا بِالصَّدَقَةِ فَاِنَّ الْبَلَاءَ لَا يَتَخَطَّى الصَّدَقَةَ، صبح سويري صدقو ڏيندا ڪريو ڇو جو بَلا صدقي کان اڳيان قدم ناهي وڌائيندي. (شُعَبُ الايمان، باب في الزكاة،التحريض علي صدقة التطوع،۳/۲۱۴، حديث:۳۳۵۳)

6. فرمايائون: اِنَّ صَدَقَةَ الْمُسْلِمِ تَزِيْدُ فِي الْعُمُرِ وَ تَمْنَعُ مِيْتَةَ السُّوْءِ وَ يُذْهِبُ اللهُ الْكِبْرَ وَ الْفَخْرَ، بيشڪ مسلمان جو صدقو عمر کي وڌائيندو ۽ بُري موت کي روڪيندو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان صدقي ڏيڻ واري کان تَڪَبُّر ۽ تَفاخُر (وڏائي ۽ فخر ڪرڻ جي بري عادت) دور ڪري ڇڏيندو آهي. (المعجم الكبير، ۱۷/۲۲، حديث:۳۱)

7. فرمايائون: اِنَّهَا حِجَابٌ مِّنَ النَّارِ لِمَنِ احْتَسَبَهَا يَبْتَغِيْ بِهَا وَجْهَ اللهِ، جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ صدقو ڪري تہ اُهو صدقو ان جي ۽ باهہ جي درميان پردو ٿي ويندو آهي. (مجمع الزوائد،كتاب الزكاة، باب فضل الصدقة،۳/ ۲۸۶، حديث: ۴۶۱۷)

8. فرمايائون: اِنَّ الصَّدَقَةَ لَتُطْفِئُ غَضَبَ الرَّبِّ وَ تَدْفَعُ مِيْتَةَ السُّوْءِ، بي شڪ صدقو رب عزّوجل جي غضب کي ٺڌو ڪندو آهي ۽ بُري موت کي دور ڪندو آهي. (ترمذي، كتاب الزكاة، باب ما جاء في فضل الصدقة، ۲/ ۱۴۶، حديث:۶۶۴)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هنن حديثن سڳورين مان معلوم ٿيو تہ ❖ صَدَقو

بُرائين جا دروازا بند ڪندو آهي. ❖ صَدَقو ڏيڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو. ❖ صَدَقو قبر جي گرمي کان بچائيندو آهي. ❖ صَدَقو گُناهن کي ائين مٽائيندو آهي جيئن پاڻي باھ کي. ❖ صَدَقو بلائن کي روڪيندو آهي. ❖ صَدَقو عُمر ۾ بَرڪت جو سبب بڻجندو آهي. ❖ صَدَقو بُري مَوت ۽ بُري خاتمي کان بچائيندو آهي. ❖ صَدَقو تڪبّر ۽ غرور جي عادت جو خاتمو ڪندو آهي. ❖ صَدَقو باھ کان رُڪاوٽ بڻجندو. ❖ صَدَقو الله پاڪ جي غضب کي ٺاريندو آهي. مطلب تہ! صدقو ڪيئي ڀلائين جا دروازا کوليندو آهي ۽ صدقو ڪيئي بُرائين جا دروازا بند ڪندو آهي.

دے نَزع و قبر و حشر میں ہر جا اَمان اور
دوزخ کی آگ سے بچا یا ربِّ مُصطفٰے
(وسائلِ بخشش مُرمّم ،ص۱۳۲)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي بُزرگ سڳورن ۾ صَدَقي ۽ خَيرات جو جذبو تمام گهڻو هو. جهڙي طرح دنيا جي دولت جي حريص کي دنيا ڪمائڻ ۽ مال ۽ دولت حاصل ڪرڻ جي خواهش هوندي آهي، ان کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ الله وارن کي اها خواهش هوندي هئي تہ اهي پنهنجو مال راھ خدا ۾ قربان ڪري ڇڏين. اچو! ترغيب جي لاءِ ڪجھ روايتون ٻڌون ٿا:

### ابنِ عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا جي سخاوت

حضرت سيدُنا اَيوب بن وَائِل رَاسِبِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه بيان ڪن ٿا: هڪ ڀيري مان مديني شريف حاضر ٿيس تہ مون کي حضرت سيدُنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي هڪ پاڙيسري (Neighbour) ٻڌايو تہ حضرت عبدالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ حضرت سيدُنا اميرِ مُعَاوِيہ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي طرفان چار هزار درهم آيا آهن ۽ هڪ ٻي ماڻهو جي طرفان بہ ايترا ئي درهم آيا آهن ۽ هڪ شخص 2 هزار درهم ۽ هڪ قيمتي چادر حضرت عبدالله رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي خدمت ۾ موڪلي آهي. حضرت

ايوب بن وائل رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ چون ٿا: مون ڏٺو تہ حضرت سيدُنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡھُمَا بازار آيا ۽ ڪوٽا دِرهم (هتي ڪوٽي درهم مان جعلي ڪرنسي مراد ناهي بلڪ اهي درهم مراد آهن جيڪي ماليت ۾ عام درهم کان گهٽ هجن) جي بدلي ۾ پنهنجي سواري جي لاءِ گاهہ خريد ڪيائون. مون سندن کي سجاڳي ورتو پوءِ مون سندن گهرواريءَ وٽ اچي چيو تہ "مان اوهان کان ڪجهہ پڇڻ چاهيان ٿو ۽ مان اهو پسند ڪيان ٿو تہ اوهان مون سان سچ بيان ڪيو." مون پڇيو: "ڇا ابو عبدالرحمٰن رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ وٽ حضرت سيدُنا اميرِ مُعَاوِيہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جي طرفان 4 هزار درهم، هڪ ٻي ماڻهو جي طرفان 4 هزار درهم ۽ هڪ شخص وٽان 2 هزار درهم ۽ هڪ چادر نہ آئي هئي؟" جواب مليو: "ڇو نہ! يقيناً اهو سڀ ڪجهہ آيو هو." مون چيو تہ "مون تہ انهن کي ڪوٽي درهم جي عوض چارو خريد ڪندي ڏٺو آهي." ان تي سندن گهرواريءَ ٻڌايو تہ "انهن تہ اهو سڀ مال رات ئي ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيو هو ۽ چادر پنهنجي ڪلهي تي رکي نڪتا ۽ ان چادر کي واپس موٽائي گهر اچي ويا." (حلية الاولياء، ١/١٠٢١،٣٦٨)

## هڪ لک درهم صدقو ڪري ڇڏيا!

حضرت سيدُنا محمد بن سُوقہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ تابعين مان هئا، وڏا نيڪ ۽ خوفِ خدا جا پيڪر هئا. هڪ ڀيري انهن پاڻ وٽ گڏ ٿيل مال کي ڳڻيو تہ اهو هڪ لک درهم هئا، پوءِ فرمائڻ لڳا: مون اهڙي ڪا ڀلائي گڏ نہ ڪئي، جنهن کي مان باقي رکان تہ اها وڌندي رهي ۽ مان ان جي لاءِ وڌندو رهان. اهو چئي سمورو مال صدقو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ اڃان هفتو بہ پورو نہ ٿيو هو تہ سندن وٽ ان مان صرف سؤ (100) درهم باقي رهجي ويا. جڏهن تہ هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ سيدُنا محمد بن سُوقہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ کي پنهنجي والد کان وراثت ۾ هڪ لک درهم مليا. انهن اهي سڀ جا سڀ راهہ خدا ۾ صدقو ڪري ڇڏيا. ايستائين جو پاڻ وٽ ڪجهہ بہ باقي نہ بچيو. (اللّٰہ والوں کي باتيں،٥/١٠،٩)

دَولتِ دنیا کے پیچھے مارا مارا کیوں پھروں!

آپ ہی ہیں میری دَولت اور ثَروت یارسول!

آمِنہ کے لال! مجھ کو دیجئے سوزِ بلال!

مالِ دُنیا سے مجھے ہو جائے نفرت یا رسول!

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۲۴۱،۲۴۲)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اَمِيرُالمؤمنين حَضرتِ سَيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ جي شهزادي حضرت سَيدُنا عبدالله رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ ۽ حضرت سَيدُنا محمد بن سُوقہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ جي سخاوت جو جذبو مرحبا! اي ڪاش! الله پاڪ جي راهہ ۾ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ وارين انهن عظيم هستين جي صدقي اسان کي بہ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جو جذبو نصيب ٿي وڃي. راهہ خدا ۾ ڏيڻ مهل شيطان اهو وسوسو وجهندو آهي تہ جيڪڏهن مون هتي پيسا ڏنا تہ گهر جو خرچ ڪيئن هلائيندس؟ پنهنجي ضرورتن کي ڪيئن پورو ڪندس؟ منهنجي ٻار ٻچن جو خرچ ڪيئن هلندو؟ ياد رکو! اهي سڀئي شيطان جا وسوسا آهن. صدقو ڏيڻ سان مال گهٽ ناهي ٿيندو.

حضرت ابوڪبشہ اَنماري رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡہُ کان روايت آهي تہ اُن غيب ٻڌائڻ واري آقاﷺ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو تہ هن ڳالهہ تي مان قسم کڻان ٿو تہ ڪنهن ٻانهي جو مال صَدَقو ڪرڻ سان گهٽ ناهي ٿيندو.

(مرآۃ المناجيح ، ۹۹/۷)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سچيون ڳالهيون ٻڌائڻ واري آقاﷺ غريبن کي آٿت ڏيڻ واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان مرحبا! اخلاص سان ڏنل صدقو ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون آڻيندو آهي؟ اچو! ان جون ڪجهہ حڪايتون ٻڌون ٿا:

## خرچ ڪريو الله ڪريم عطا فرمائيندو

حضرت سَيدُنا قيس بن سَلع انصاري رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي تہ منهنجي ڀائرن حضورِ پاڪ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان منهنجي باري ۾ شڪايت ڪئي تہ قيس فضول خرچي ڪندو آهي ۽ ان مُعاملي ۾ گهڻو هٿ جو کليل آهي، تہ پياري آقا صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي فرمايائون: توهان جي ڀائرن جو چا مسئلو آهي، اهي هن گمان تي تنهنجي شڪايت ڪري رهيا آهن تہ تون پنهنجي مال ۾ گهڻي فضول خرچي ڪندو آهين ۽ تنهنجو هٿ گهڻو کليل آهي؟ مون عرض ڪيو: يارَسُولَ اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! مان آمدني مان پنهنجو حصو وٺي الله جي راهہ ۾ ۽ پنهنجن دوستن ۾ خرچ ڪري ڇڏيندو آهيان پوءِ رَسُولُ اللہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منهنجي سيني تي دستِ مبارڪ رکيائون ۽ 3 ڀيرا فرمايائون: خرچ ڪر الله تو کي عطا ڪندو. حضرت سَيدُنا قيس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا ان کان پوءِ جڏهن بہ مان راهہ خدا ۾ نڪرندو هئس تہ مون وٽ پنهنجي سواري هوندي هئي ۽ هاڻي مان مال ۽ آسائش ۾ پنهنجي اهلِ خانہ (ڀائرن) کان وڌيڪ آهيان.

(معجم الأوسط، ۲۱۰/۶،حديث:۸۵۳۶)

## پٽ کي الله پاڪ خوشحال ڪندو

حضرتِ سيدُنا عون بن عبدالله رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ تابعي بزرگن مان آهن. دلجمعي سان الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ، مالدارن کان پري رهڻ ۽ غريبن مسڪينن تي نرمي ۽ شفقت ڪرڻ سندن جي مبارڪ عادات هئي. منقول آهي تہ هڪ ڀيري حضرتِ سيدُنا عون بن عبدالله رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کي ويهہ (20) هزار کان وڌيڪ درهم مليا تہ پاڻ صدقو ڪري ڇڏيائون. سندن جي ڪجهہ دوستن عرض ڪيو: جيڪڏهن اوهان انهن کي پنهنجي پٽ جي خوشحاليءَ جي لاءِ استعمال ڪريو ها تہ وڌيڪ بهتر هو؟ فرمايائون: مون پنهنجو پاڻ کي هن صدقي جي ذريعي مضبوط (Strong) ڪيو آهي ۽ منهنجي پٽ کي الله پاڪ خوشحال ڪندو.

حضرتِ سيدُنا عون رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ جي اِخلاص ۽ توڪل سان ڏنل صدقي جو نتيجو اهو نڪتو جو حضرتِ سيدُنا ابو اُسامہ رَحْمَۃُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْہ فرمائن ٿا: آلِ مسعود

۾ حضرتِ سيدُنا عون رَحۡمَۃُاللّٰہِتَعَالٰی عَلَیۡہ جي پٽ کان وڌيڪ ڪوبہ خوشحال نہ هو.
(اللّٰہ والوں کی باتیں، ۳۰۲/۴ )

## هٿوهٿ صدقي جي برڪت ظاهر ٿي وئي!

امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَۃ پنهنجي مايہ ناز تصنيف ”فيضانِ سُنّت“ جي صفحي 513 تي هڪ واقعو نقل ڪن ٿا: پنهنجي دور جا ابدال حضرت سيّدُنا ابو جعفر بن خطاب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمائن ٿا، منهنجي دروازي تي هڪ سائل (يعني سواليءَ) صدا هنئي مون گهرواريءَ کان پُڇيو: تہ چا تو وٽ ڪجهہ آهي؟ جواب مليو: چار(4) آنا موجود آهن مون چيو: سوالي کي ڏئي ڇڏيو، گهر واريءَ حڪم جي تعميل ڪندي اهي آنا سائل کي ڏئي ڇڏيا. سائل آنا وٺي هليو ويو، اجان ٿوري دير ئي گذري هئي جو مون وٽ هڪ دوست آنن سان ڀريل هڪ ٿوڪري موڪلي. مون گهر واريءَ کان پُڇيو، ٿوڪري ۾ ڪل ڪيترا آنا آهن؟ ان چيو: ٿيهہ. مون چيو: توهان تہ فقير کي 4 چار آنا ڏنا هئا، هي 30 ڪهڙي حساب سان آيا! چوڻ لڳيون: ٿيهہ آنا صحيح آهن ۽ باقي 10 ڀڳل آهن، ان جي هڪ وجهہ اها هئي تہ سائل کي جيڪي آنا ڏنا ويا هئا انهن مان ٽي صحيح ۽ هڪ ڀَڳل هئو. ربّ تعاليٰ هر هڪ جي بدلي ۾ ڏهہ ڏهہ عطا فرمايا. صحيح جي بدلي صحيح ۽ ڀڳل جي بدلي ڀڳل. (روض الرياحين، ص۱۵۱)

دولت نہ مال اور خزینے کی باتیں
سناؤ ہمیں بس مدینے کی باتیں
مِری یاوہ گوئی کی عادت نکالو
کروں میں ہمیشہ قرینے کی باتیں
(وسائلِ بخشش مرمّم، ص۲۷۳)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بزرگانِ دِين جو ڪامل توڪل ۽ اخلاص سان سخاوت ڪرڻ جو جذبو مرحبا! جيڪڏهن اسان بہ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جو

جذبو وڌائڻ چاهيون ٿا تہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهون ۽ جنهن کان جيترو ٿي سگهي، پنهنجي ٻين مصروفيات مان ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت مدني ڪمن جي لاءِ ضرور ڪڍون، انهن مدني ڪمن ۾ شامل ٿيڻ جي برڪت سان اسان گناهن کان بچندا رهنداسين، آخرت جي لاءِ **نيڪين جو ذخيرو** گڏ ٿيندو رهندو، **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ وارن خوش نصيبن ۾ اسان جو شُمار ٿيندو، **سني صحبت** مُيسّر ٿيندي، هرعاشقِ رسول جي لاءِ دعوتِ اسلامي جا مدني ڪم ڪرڻ جا ڪوڙ آسان موقعا آهن، جيڪڏهن هاٿي بہ اسان عملي طور تي مدني ڪمن ۾ شامل نہ ٿي سگهون تہ شايد ڪيئي نيڪين کان محرومي ٿي سگهي ٿي. هن عظيم مدني مقصد ”**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اِصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**“ کي ماڻڻ جي لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪريو، نيڪي جي ڪمن ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيو.

## سومر شريف جو روزو ۽ مدني انعامات تي عمل جا فائدا

پنهنجي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني انعامات تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائڻ گهرجي. ❖ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني اِنعامات، عمل جو جذبو وڌائڻ ۽ گناهن کان پيڇو ڇُڏائڻ جو بهترين نُسخو آهن، ❖ مَدَني اِنعامات تي عمل ڪرڻ وارن کان اَميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڏاڍا خوش ٿيندا ۽ اُنهن کي دُعائن سان نوازيندا آهن ❖ مَدَني اِنعامات تي عمل جي بَرَڪت سان خَوفِ خُدا ۽ عشقِ مُصطَفٰي جي لازوال دَولت نصيب ٿيندي آهي ❖ مَدَني اِنعامات جو اهو عظيم تحفو بزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي ياد ڏياري آهي، ❖ مَدَني اِنعامات بُزرگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي نَقشِ قَدَم تي هلندي فِڪرِ مدينہ يعني پنهنجي عملن جو مُحاسَبو ڪرڻ جو بهترين ذَرِيعو آهي. انهن مدني انعامات مان مدني انعام نمبر 58 آهي، **ڇا اوهان هن هفتي سومر شريف (يا رهجي وڃڻ جي صورت ۾ ڪنهن بہ ڏينهن) جو روزو رکيو؟ ۽ هن هفتي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن ڪاڏي ۾ جَوءِ شريف جي ماني ڪاڌي؟**

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! **فرض روزن** سان گڏ نفلي روزو رکڻ تمام وڏي سعادت جي ڳالهه آهي، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ **مدني انعامات** ۾ نفل عبادتن جو شوق ڏياريندي هر سومر شريف جو روزو رکڻ جي ترغيب ڏياري آهي ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ **جامعة المدينہ** جا شاگرد ۽ ڪيترائي اسلامي ڀائر، اهڙي طرح **جامعات المدينہ للبنات** جي **شاگرديائڻين ۽ معلمات** کان علاوه ڪثير اسلامي ڀينرون به سومر شريف جو نفلي روزو رکڻ جي سعادت حاصل ڪنديون آهن، اچو **نفل روزن جي فضيلت** تي به (2) فرمانِ مصطفيٰ ٻڌون ٿا:

## نفلي روزن جي فضيلت

1. فرمايائون: جيڪڏهن ڪو شخص هڪ ڏينهن نفلي روزو رکي پوءِ ان کي سڄي زمين برابر سون به ڏنو وڃي، تڏهن به ان جو ثواب قيامت جي ڏينهن ئي پورو ٿيندو. (مجمع الزوائد ،کتاب الصیام ، باب في فضل الصوم ، ۳/۴۲۳، حدیث: ۵۰۹۲)
2. فرمايائون: جنهن لَآاِلٰہَ اِلَّا اللہ پڙهيو ۽ انهيءَ تي ان جو خاتمو ٿيو ته اهو جنّت ۾ داخل ٿيندو ۽ جيڪو الله پاڪ جي رِضا چاهيندي ڪنهن ڏينهن روزو رکي پوءِ انهيءَ تي ان جو خاتمو ٿي وڃي ته اهو جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ جيڪو الله پاڪ جي رضا جي لاءِ صدقو ڪري ۽ انهيءَ تي ان جو خاتمو ٿئي ته اهو جنت ۾ داخل ٿيندو. (مسند احمد بن حنبل، ۹ / ۹۰،حدیث : ۲۳۳۷۴)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! رجب المرجب جو مهينو هلي رهيو آهي، هن مهيني ۾ به نفلي روزن رکڻ جون وڏيون برڪتون آهن، تنهنڪري اهي برڪتون ۽ فضيلتون ماڻڻ جي لاءِ هن مهيني جا اڪثر ڏينهن روزن سان گذارڻ جي ڪوشش ڪريو. حديث سڳورين ۾ رَجَب جي نَفل روزن جون ڪيئي فضيلتون بيان ڪيون ويون آهن. اچو! ترغيب جي لاءِ رجب جا روزا رکڻ جي فضيلتن تي به (2) حديث سڳوريون ٻڌون ٿا:

1. حَضرتِ سيّدنا ابو قِلابہ رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: ”**رجب جي** روزي دارن جي لاءِ جنّت ۾ هڪ مَحَل آهي.“ (شُعَبُ الایمان ج3ص368حدیث3802،از فیضانِ سُنّت،ص1365)

2. **حضرت سيّدنا انس بن مالک** رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ **کان روايت آهي تہ رسول الله** صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جن ارشاد فرمايو: ”جنّت ۾ هڪ نهر آهي جنهن کي رجب چيو وڃي ٿو، ان جو پاڻي کير کان وڌيڪ سفيد ۽ ماکي کان وڌيڪ مٺو آهي، پوءِ جيڪو رجب جي مهيني ۾ هڪ روزو رکندو الله پاڪ ان کي ان نهر مان سيراب فرمائيندو.“** (شُعَبُ الایمان ج3ص367حديث3800،از فيضانِ سُنّت،ص1362)

**الله پاڪ اسان کي بين نفلي روزن سان گڏ رجب شريف جا روزا رکڻ جي بہ توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاه النَّبِيِ الْاَمِين** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

عبادت میں گزرے مِری زِندگانی
کرم ہو کرم یاخدا! یاالٰہی!
(وسائلِ بخشش مرمّم،ص۱۰۵)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## کھڙو مال صدقو ڪرڻ گھرجي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان صدقو ۽ خيرات ڪرڻ بابت ٻڌي رهيا هئاسين. يقيناً اِخلاص سان راهِ خدا ۾ ڪيو ويندڙ خرچ ضائع ناهي ٿيندو. راهِ خدا ۾ خرچ ڪرڻ وقت هن ڳالهہ جو بہ خيال رکڻ گهرجي تہ جيڪا شيءِ اوهان کي سڀ کان وڌيڪ پسنديده هجي، ان کي صدقو ۽ خيرات ڪريو ڇوتہ ان جو ثواب گهڻو آهي.**

**بد قسمتي سان ڪڏهن ڪڏهن صدقو ۽ خيرات ڪرڻ ۾ ڪنجوسي جو مظاهرو ڪيو ويندو آهي، يا وري اهڙي شيءِ صدقو ڪئي ويندي آهي جيڪا استعمال جي لائق ناهي رهندي. مثال طور جڏهن ڏنائون تہ مانيون سينورجي چڪيون آهن، ٻوڙ خراب ٿي چڪو آهي، يا خراب ٿيڻ جي ويجهو هوندو آهي تہ غريب پاڙيسري کي ڏئي ڇڏڻ. قُرباني جو گوشت جڏهن پنهنجي اِستعمال جي قابل نہ**

رهي ته هڙ ۾ پڌي ڪري گهر ۾ ڪم ڪرڻ واري ماسي کي ڏئي ڇڏڻ. سيلاب متاثرن يا آفت زده ماڻهن کي گهٽ قيمت وارو راشن ڏيارڻ، يا اهي ڪپڙا جيڪي گهر ۾ ڪوبہ نہ پائي، يا اهي جُوتا جيڪي پائڻ جي قابل ناهن هوندا، اهي اِمداد ۽ صدقي طور موڪليا ويندا آهن، توڙي جو سٺي نيت سان اهڙي طرح صدقو ڪرڻ بہ درست آهي، پر ٿورو سوچيو تہ سهي اها ڪهڙي عجيب ڳالھ آهي جڏهن پنهنجي ڪاڏي پيتي يا اِستعِمال جي ڳالھ اچي تہ بهتر کان بهتر شيءِ جي چونڊ (Selection) ڪئي ويندي آهي ۽ جڏهن راھ خُدا ۾ ڏيڻ جي ڳالھ اچي تہ بچيل اوبر يا گهٽ قيمت واريون شيون صدقو ۽ خيرات ڪيون وڃن. پنهنجي ٻارن جي لاءِ تہ اَعليٰ کان اَعليٰ ڪوالٽي واريون شيون خريد ڪيون وڃن، پر جڏهن ڪنهن غريب جي ٻار کي ڏيڻو هجي تہ گهٽ معيار جي شيءِ اها بہ احسان جتائي ڏني وڃي. اسان پنهنجي گهر ۾ تہ من پسند کاڌا وڏي اهتمام سان کائون پر انهيءِ دوران ڪو سوالي اچي تہ ان کي ڏڪاري ڇڏيون يا گهر ۾ بچيل اوبر جنهن کي ڪوبہ نہ کائي ان کي ڏئي هن خوش فهمي جو شڪار ٿي ويندا آهيون تہ چڱو ٿيو کاڌو ضائع ٿيڻ کان بچي ويو ۽ ڪنهن غريب جو پلو ٿي ويو. جڏهن تہ ٿيڻ اهو گهرجي تہ الله پاڪ جن کي استطاعت ڏني آهي اهي بهتر کان بهتر شيءِ الله پاڪ جي راھ ۾ صدقو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. اچو! هاڻي الله وارن جا بہ ڪجھ انداز پڙهون ٿا تہ الله پاڪ جا اهي نيڪ ٻانها الله جي راھ ۾ خرچ جي سلسلي ۾ ڪيترا مخلص هوندا هئا:

## انگور جو ڇڳوان کي ڏئي ڇڏ

حضرت سيدُنا نافع رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ کان روايت آهي تہ هڪ ڀيري حضرت سيدُنا عبدالله بن عمر رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُمَا کي بيماري جي حالت ۾ انگور (Grapes) کائڻ جي خواهش ٿي تہ مان هڪ درهم ۾ انگورن جو هڪ ڇڳو وٺي آيس. مون اهي انگور سندن هٿ ۾ رکيا ئي هئا تہ هڪ سائل (يعني سوال ڪرڻ واري) دروازي تي بيهي سوال ڪيائين. حضرت عبدالله رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُ اهي انگور سائل کي ڏيڻ جو چيو تہ مون عرض ڪيو: هن مان ڪجھ تہ کائو، ٿورا تہ چکي وٺو.

فرمايائون: نه، هي ان کي ڏئي ڇڏيو. پوءِ مون اهي سوالي کي ڏئي ڇڏيا.

پوءِ مون سائل کان اهي انگور هڪ درهم جي بدلي ۾ خريد ڪري حضرت عبدالله رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جي خدمت ۾ آندا. اجان هٿ ۾ رکيل ئي هئا ته اهو سوالي وري آيو. ۽ صدا هنيائون، پاڻ فرمايائون: اهي ان کي ڏئي ڇڏيو. مون عرض ڪيو: اوهان هن مان ڪجهه ته کائو. فرمايائون: نه، هي ان کي ڏئي ڇڏيو. مون اهو ڇُڳو ان کي ڏئي ڇڏيو. اهو سائل اهڙي طرح موٽي ايندو رهيو ۽ پاڻ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ ان کي انگور ڏيڻ جو حڪم ڏيندا رهيا. نيٺ ٽئين يا چوٿين چڪر مون ان کي چيو: برباد ٿئين! تو کي شرم نٿو اچي؟ پوءِ ان کان هڪ درهم جي عوض انگورن جو اهو ڇڳو خريدي سندن وٽ آندم ته پاڻ ان کي تناوُل فرمايائون. (اللہ والوں کی باتیں، ۱/۵۲۳)

نہ دے جاہ و حَشمت نہ دَولت کی کثرت
گدائے مدینہ بنا یاالٰہی!
خَطاؤں کو میری مِٹا یاالٰہی!
مجھے نیک خَصلَت بنا یاالٰہی!
(وسائل بخشش مرمم، ص۱۰۰،۱۰۱)

## پسنديده اُٺ صدقو ڪري ڇڏيا!

هڪ پيري حضرت سيدُنا ابوذرغِفَاري رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايائون: مال ۾ ٽي حصيدار هوندا آهن: (١) تقدير، هي اهو حصيدار آهي جنهن کي ڀلائي ۽ بُرائي (يعني مال يا تو کي هلاڪ ڪرڻ) ۾ تنهنجي اجازت جي حاجت ناهي. (٢) ٻيو حصيدار تنهنجو وارث، ان کي هن ڳالهه جو انتظار آهي ته تون مري وڃين ۽ هو تنهنجي مال تي قبضو ڪري وٺي ۽ (٣) ٽيون حصيدار تون پاڻ آهين. يقيناً توهان انهن ٻنهي حصيدارن کي عاجز نٿا ڪري سگهو، تنهنڪري پنهنجو مال راهه خدا ۾ خرچ ڪريو. بيشڪ الله پاڪ جو فرمانِ عاليشان آهي:

لَنْ تَنَالُوا الْبِرَّ حَتّٰى تُنْفِقُوْا مِمَّا تُحِبُّوْنَ (پ۴،اٰلِ عمران:۹۲)

**تَرْجموڪنز الايمان**: اوهان ايستائين چڱائيءَ کي هرگز نہ پهچندؤ جيستائين پنهنجِي پيارِي شيءِ خرچ نہ ڪندؤ.

هن آيت سڳوري جي تلاوت ڪرڻ کان بعد پاڻ پنهنجي اُٺن ڏانهن اشارو ڪري فرمائڻ لڳا، مون کي منهنجي مال ۾ اهي اُٺ سڀ کان وڌيڪ پسند آهن ان ڪري مان انهن کي خيرات ڪري پنهنجي لاءِ آخرت ۾ ذخيرو ڪرڻ پسند ڪيان ٿو. (الزهد لهنادبن السري ، باب الطعام في الله ، ۳۴۸/۱، حديث : ۶۵۱)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صدقو ڏيڻ جي فضيلتن ۽ فائدن جي چا ڳالهہ ڪجي، اسان کي بہ هن دنيا ۾ رهي صدقو ۽ خيرات ڪري پنهنجي آخرت کي روشن ڪرڻ وارا ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ڪهڙو نہ سٺو ٿئي جو غريبن، مسڪينن، يتيمن، بيوائن، حاجَت مَندن ۽ رِشتيدارن سان گڏوگڏ اسان پنهنجو صَدَقو ۽ مدني عَطِيات نيڪي جي ڪمن، مَسجدن ۽ مَدارِس المدينہ ۽ جامعات المدينہ جي تَعْمِير ۽ تَرَقّي ۽ دِينِ اِسلام جي سربُلندي ۽ عِلمِ دِين جي فُروغ خاطِر عِلمِ دِين حاصِل ڪرڻ وارن شاگردن ۽ شاگرديائين جي لاءِ دعوتِ اسلامي کي ڏئي پنهنجي آخرت جو سامان ڪريون.

منقول آهي تہ حضرت سَيِدُنا عبدُالله بِن مُبارڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه (جيڪي امامِ اَعْظَم ابُو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جا خاص شاگرد ۽ فقہ حنفي جي امامن مان آهن) علم وارن ماڻهن سان خاص ڪري ڀلائي ڪندا هئا، انهن کي عرض ڪيو ويو: اوهان سڀني سان هڪ جهڙو معاملو ڇو نٿا رکو؟ فرمايائون: انبياء (عَلَيهِمُ الصَّلٰوة السَّلَام) ۽ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان) کان پوءِ عالمن کان علاوه ٻئي ڪنهن جي مقام کي بُلند نٿو سمجهان، هڪ بہ عالِم جو ڌيان پنهنجي حاجتن جي ڪري هٽندو تہ اهو صحيح طور تي ديني خدمت نہ ڪري سگهندو ۽ دِيني تعليم ڏانهن ان جي دُرُست توجّہ نہ ويندي. تنهنڪري انهن کي علمي خدمت جي لاءِ فارِغ رکڻ اَفضَل آهي. (ضِيائے صَدَقات،ص۱۷۲)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ **عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ** اسلامي تبليغِ دين جي تقريباً 107 شعبن ۾ نيڪي جون ڌومون مچائڻ ۾ ڪوشش ڪري عمل آهي. هن نازُڪ دَور ۾ جڏهن باطل قوّتون چئني طرف ڪان سڄي طاقت سان مسلمانن جي ايمان کي برباد ڪرڻ ۽ اُنهن کي گمراهي جي ڪڌ ۾ ڪيرائڻ جي ڪوششن ۾ مشغول آهن، اهڙي ۾ دعوتِ اسلامي اُمّيد جو ڏيئو بڻجي روشن ٿي ۽ هن مدني تحريڪ اُمّت جي ٻڏندڙ ٻيڙي کي سهارو ڏيڻ، سڄي دُنيا ۾ تعليمِ قرآن ۽ سُنّت کي عام ڪرڻ، نُورِ قرآن سان سينن کي سرشار ۽ اُمَّتِ مُصطَفٰي کي خوابِ غفلت مان بيدار ڪرڻ جي جذبي جي تحت مختصر عرصي ۾ ڪيترن ئي ملڪن ۽ شهرن ۾ مدني منّن ۽ منّين جي لاءِ سوين مدرسا "**مدرسة المدينہ**" جي نالي سان، جڏهن تہ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي تعليم ۽ تربِيت جي لاءِ جامعات بنام"**جامعة المدينہ**" جو بُنياد رکيو، هن ۾ بِلامبالغہ هزارين شاگرد ۽ شاگردياڻيون قُرآن ۽ سنت جي مُفت تعليم حاصل ڪندا آهن، جتي انهن کي قرآن جي زيور ۽ علمِ دين پڻ شرعي ۽ اخلاقي تربِيت سان آراستہ ڪرڻ جو خصوصي سان اهتمام ڪيو ويندو آهي، تہ جيئن دَورِ طالبِ علمي کان فارغ ٿيڻ بعد قوم جا اُهي حقيقي مِعمار مُعاشري جي بگاڙ کي سڌارڻ ۾ پنهنجو ڪردار اَدا ڪندي، اميرِ **اهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ **جي عطا ڪيل هن مدني مقصد جي تحت زندگي گُذارڻ** وارا بڻجي وڃن تہ "**مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي.** اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ"

ياد رکو! دعوتِ اسلامي جي تحت هلڻ وارا اهي مدارِسُ المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ دِيني فضليت جي لحاظ سان وڏي اهميت جا حامل آهن، اهو ئي سبب آهي جو انهن مدارِسُ المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ کي قائم رکڻ جي لاءِ انهن تي مختلف اَخراجات جي مَد ۾ سالانہ ڪروڙين نہ اربين روپيا خرچ ڪيا ويندا آهن، تنهنڪري اوهان سان بہ عرض آهي تہ علمِ دين جي طالبن جي دُعائن مان

حِصّو ماڻڻ، دعوتِ اسلامي جي ترقّي ۽ بقا ۽ مدارِس المدينہ ۽ جامعات المدينہ جي نظام کي مضبوط کان مضبوط تَرين بڻائڻ جي لاءِ زڪوٰة، فطرا، صَدَقا ۽ خَيرات، نفلي عطيات ۽ عُشر وغيره جي ذريعي نہ صرف پاڻ تعاوُن ڪيو بلڪ پنهنجي عزيزن، پاڙيسرين ۽ دوست اَحباب تي انفرادي ڪوشش ڪري اُنهن کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو، اسان جي زبان چَورڻ ۽ اسان جي اِنفرادي ڪوشش سان جيڪڏهن ڪنهن جو مدني ذهن بڻجي ويو ۽ اُن پنهنجي زڪوٰة، فطرا، صَدَقا ۽ خَيرات،نفلي عطيات يا عُشر وغيره دعوتِ اسلامي کي مدني ڪمن جي لاءِ ڏني تہ اها اسان جي لاءِ بہ ثوابِ جاريہ جو ذريعو بڻجي ويندي.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هزارين عاشقانِ رسول، مختلف انداز سان دعوت اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ مالي تعاون جي سعادت حاصل ڪندا رهندا آهن، ٿي سگهي ٿو تہ اسان مان ڪنهن جي ذهن ۾ سوال اڀي تہ ڀلا مان ڪهڙي نموني پنهنجو حصو دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي لاءِ شامل ڪري سگهان ٿو؟

اچو هڪ نهايت ئي آسان طريقو اوهان جي خدمت ۾ عرض ڪيان ٿو تہ جنهن جي ذريعي غريب کان غريب بہ دعوتِ اسلامي جي مدني عطيات ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهي ٿو، اهو ڇا آهي؟ ”مدني عطيات بڪس (Box)“ جي ذريعي مالي تعاون.

دعوتِ اسلامي جي شعبي **”مجلس مدني عطيات بڪس“** جي طرفان هڪ بڪس جي ترڪيب ڪئي وئي آهي، اهي مدني عطيات بڪس دُڪانن، ڪارخانن، مارڪيٽن، شاپنگ مالز، ميڊيڪل اسٽورز ۽ دفترن وغيره ۾ رکڻ سان گڏوگڏ گهرن ۾ بہ رکيو ويندو آهي، تہ جيئن اسان پنهنجي آسانيءَ کي ڏسندي روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ رقم ان بڪس ۾ وجهندا رهون جيڪي دُڪاندار آهن اهي سنين سنين نيتن سان پنهنجي گراهڪن (Customers) تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي بہ راهہ خدا ۾ مال خرچ ڪرڻ جي ترغيب ۽ فضائل ٻڌائي انهن کي بہ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي ترڪيب ڏياريو تہ مدينہ مدينہ.

مشورةً عرض آهي تہ اسان روزانو هڪ رقم خاص ڪيون مثال طور 5 روپيا ٿي سهي، پوءِ ان جي مطابق اسان روزانو پنهنجو حصو وجهندا وڃون ۽ مجلس مدني عطيات بڪس جي طئي شده طريقي جي مطابق اهي مدني عطيات جمع بہ ڪرائي ڇڏيون. جيڪي دُڪانن وغيره تي بڪس رکيا ويندا آهن، هن کي "مدني عطيات بڪس" ۽ جيڪي گهرن ۾ بڪس رکيا ويندا آهن، اُن کي"گهريلو صدقہ بڪس" چئبو آهي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## مَجلسِ عُشر واطراف ڳاؤن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بدقسمتي سان اڄڪلھ علمِ دين کان دُوري ۽ دُنيا داريءَ آبادگار مسلمانن کي عُشر ۽ زڪوٰة جهڙي عظيم عِبادَت جي ادائيگي کان پري ڪري رکيو آهي، ان ڪري مُسلمانن جي خير خواهي ۽ عُشْر جي اَهمّيت جي پيشِ نظر مُسلمانن ۾ هن عظيم مالي عِبادَت کي اَدا ڪرڻ جو شعور بيدار ڪرڻ ۽ اُنهن کي اَدائگي نہ ڪرڻ جي گُناهہ کان بچائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي تحت ”مجلسِ عُشْر واطراف ڳاؤن“ جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي. عُشْر درحقيقت زمين جي زڪوٰة آهي. زمين ۾ جيڪي فَصل وغيره ٿين ٿا، ان جو ڏهون (1/10) حِصّو ۽ ڪڏهن ويهون (1/20) حصّو پيداوار جي زڪوٰة فرض ٿيندي آهي، تنهنڪري عُشْر جي ڏينهَن ۾ هفتيوار ۽ بين سُنّتن ڀري اجتماعن ۾ راهہ خدا ۾ خَرچ ڪرڻ جا فضائل بيان ڪري دعوتِ اسلامي کي عُشْر ڏيڻ ۽ گڏ ڪرڻ جي ترغيب ڏياري ويندي آهي. هن شعبي جا ذِمہ دار، عُشر جي وصولي جي لاءِ وقت بہ وقت هارين، زميندارن، باغن جي مالڪن وغيره سان اِنفرادي ڪوشش جي ذريعي رابطو ڪندا رهندا آهن، **"ڪسان(هاري) اجتماعات"** جو بہ اِنعقاد ڪيو ويندو آهي، رِسالو **"عُشر جا احڪام"** تقسيم ڪري عُشر ڏيڻ جو ذهن ڏنو ويندو آهي. خاص ڪري زميندارن کي گهرجي تہ عشر جي باري ۾ معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 48

صفحن تي مشتمل رسالي "عُشر جا اَحكام" ۽ "چندو ڪرڻ جا شرعي اِحتياط" جو لازمي مُطالَعو ڪن ۽ شريعت جي مُطابق پنهنجي فصل جي زڪوٰة ڪڍڻ جي باري ۾ دارُ الافتاء اهلسنت کان ضرور رهنمائي حاصل ڪن.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥)

## زڪوٰة ادا ڪرڻ جا مدني گل!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اچو زڪوة ادا ڪرڻ جا ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا. پهريان ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1) توهان جي اسلام جو پورو ٿيڻ اهو آهي تہ پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا ڪريو. (مجمع الزوائد،كتاب الزكاة،٣/ ١٩٨،حديث: ٤٣٢٦) (2) اسلام جو بنياد پنج (5) شين تي آهي، انهن مان هڪ زڪوٰة ادا ڪرڻ بہ آهي. (ترمذي،كتاب الايمان ،٢٧٥/٤، حديث:٢٦١٨ماخوذاً) ❖ قرآنِ پاڪ ۾ الله پاڪ ڪيئي هنڌن تي زڪوٰة ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ ان جي اهميت بيان ڪئي آهي. ❖ اسان جي رهنمائي فرمائن واري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيترين حديث سڳورين ۾ زڪوٰة ادا ڪرڻ جي ترغيب بہ ڏياري. ❖ صحابہؓ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان بہ دل کولي راهِ خدا ۾ پنهنجو مال صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا. ❖ زڪوٰة جي ادائيگي فرض آهي. (بهارِ شريعت،٨٧٤/٥، ملخصاً) ❖ وقت تي زڪوٰة ادا ڪرڻ سان غريبن کي فائدو پهچندو آهي. ❖ قريبي رشتيدار زڪوٰة جا حقدار هجن تہ انهن کي زڪوٰة ڏيڻ وڌيڪ اجر ۽ ثواب جو سبب آهي. ❖ زڪوٰة ادا نہ ڪرڻ سان انفرادي و اجتماعي، دنياوي ۽ اُخروِي هر طرح جو نقصان پهچي سگهي ٿو جيئن تہ پاڻ ڪريمن

صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪا قوم زڪوٰة نہ ڏيندي آهي تہ الله پاڪ ان کي ڏڪار ۾ مبتلا فرمائيندو آهي. (معجم الاوسط،۳/۲۷۵،حديث:۴۵۷۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں ۽ آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع هوندو" تحمل مزاجي جي فضيلت" جنهن ۾ سڀ کان پهريان تحمل مزاجي تي هڪ ايمان افروز حڪايت بيان ڪئي ويندي. تحمل مزاجي ڪنهن کي چئبو آهي؟ اهو سڀ بيان ڪيو ويندو. حديث سڳورن ۾ تحمل مزاجي عفو و درگذر جا جيڪي فضائل بيان ٿيا آهن، اهي بہ ذڪر ڪيا ويندا. الله وارن جي تحمل مزاجي جا ڪجهہ واقعا، غصي کي قابو ڪرڻ جا بہ ڪجهہ طريقا بيان ڪيا ويندا. حضرت سيدنا امير معاويہ رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ ۽ حضرت امام جعفر صادق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو عرس مبارڪ بہ چوٿہ هن ئي مهيني ۾ آهي، انڪري مختصر انهن جي سيرت جون جهلڪيون بہ ٻڌنداسين. لهٰذا! آئنده جمعرات بہ اجتماع ۾ حاضري جي نيت ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش ڪري ٻين کي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
[3]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [1]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [2]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [3]

---

[1] …افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[2] …القول البديع، الباب الاول، ص125

[3] … الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305